قرآني بيان

# مصطفيٰ جي زلفن جو قَسم

(سيپارو:30، سورت والضُحيٰ)

19-September-2025

مدني مراڪز (فيضانِ مدينه) ۽ شعبه امام مساجد (دعوتِ اسلامي)

جي تحت مسجدن جي لاءِ



جمعة المبارڪ جو

مدني مراڪز (فيضانِ مدينہ) ۾ شعبہ امام مساجد (دعوتِ اسلامي) جي تحت مسجدن جي لاءِ
19 سيپٽمبر 2025ء (اسلامي تاريخ: 26 ربيعُ الاول 1447ھ) جمعة المبارڪ جو

قرآني بيان

بنام

(سيپارو: 30، سورت والضُحيٰ)

# مصطفيٰ جي زلفن جو قَسم

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ...

✿...موءِ مبارڪ جو پاڪ وصف

✿...موءِ مبارڪ جون نراليون برڪتون

✿...موءِ مبارڪ جا ٽي ڪمالَ

✿...غير مسلم لشڪرن جا پير اکڙجي ويا

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَۃُ الْعِلْمِيَۃ

Islamic Research Center

(شعبہ: بياناتِ دعوتِ اسلامی)

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ ؕ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی خَاتَمِ النَّبِیّٖنَ ؕ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَیْكَ یَا رَسُوْلَ اللّٰه وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ یَا حَبِیْبَ اللّٰه

اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَیْكَ یَا نَبِیَّ اللّٰه وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ یَا نُوْرَ اللّٰه

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ(ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: بيشڪ توهان جا نالا سجاڻپ سان ڳڻ مون تي پيش ڪيا وڃن ٿا، تنهنڪري مون تي اَحْسَن (يعني بهترين لفظن ۾) درودِ پاڪ پڙهو.[1]

دکھوں نے تم کو جو گھیرا ہے تو درود پڑھو | جو حاضری کی تمنا ہے تو درود پڑھو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

قَالَ اللّٰهُ تَبَارَكَ وَتَعَالٰی فِی الْقُرْآنِ الْكَرِیْم، الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

وَالضُّحٰى ۙ﴿۱﴾ وَالَّیْلِ اِذَا سَجٰى ۙ﴿۲﴾ (پارو :30، الضحی:1-2)

صَدَقَ اللّٰهُ الْعَظِیْم وَصَدَقَ رَسُوْلُهُ النَّبِیُّ الْكَرِیْم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان سيپارو 30، سورة وَالضُّحٰی جون پهريون 2 آيتون ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪئي انهن مبارڪ آيتن جون 3 معنائون بيان ڪيون ويون آهن (1): ضُحٰی مان مراد آهي: جڏهن الله پاڪ حضرت موسیٰ عَلَيْهِ السَّلَام کي فرعون جي مقابلي ۾ فتح عطا فرمائي ۽ وَالَّيْل مان مراد آهي: معراج شريف جي رات (2): ضُحٰی مان عِلْمِ مصطفيٰ جو مبارڪ نُور مراد

[1]... مصنف عبد الرزاق، جلد:2، صفحه:140، حديث:3116۔

آهي ۽ وَالَّيْل مان پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي عفو و درگزر جي عادتِ ڪريمہ مراد آهي، جيئن رات جڏهن ڇانئجي وڃي ٿي تہ هر شيءِ کي ڍڪي ڇڏي ٿي، اهڙي طرح پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي شانِ عفو و ڪرم گناهن کي ڍڪي ڇڏي ٿي (3): ان جي ٽئين ۾ نهايت ايمان افروز معنيٰ اسان ھيءَ ٻڌي هئي تہ ضُحٰی مان مراد رُخ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم آهي ۽ وَالَّيْل مان مراد زُلفِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم آهي. (1)

ہے کلامِ الٰہی میں شمس وضحٰے، ترے چہرۂ نُور فزا کی قسم
قسمِ شبِ تار میں راز یہ تھا کہ حبیب کی زُلفِ دوتا کی قسم! (2)

**وضاحت:** اي منهنجا نور وارا آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! قرآن مجيد ۾ ”وَالشَّمْسِ“ ۽ ”وَالضُّحٰی“ فرمائي اللّٰه پاڪ توهان جي چهري انور جو قَسم ڪنيو آهي ۽ ”وَالَّيْلِ اِذَا سَجٰی“ فرمائي توهان جي پياري پياري زلفن جو قَسم ڪنيو آهي.

اڄ اسان اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْکَرِيْم! انهن 2 مبارڪ آيتن جي وضاحت ٻڌنداسين ۾ ان سان گڏوگڏ رسولِ خُدا، احمدِ مجتبیٰ، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي زُلفِ مبارڪ جو بہ ذڪرِ خير ڪنداسين.

## (1): بي عيب محبوب جو قسم!

امام فخرالدين رازي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا: وَالضُّحٰی ۽ وَالَّيْل مان پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو سِرّ ۽ اِعْلان بہ مراد وٺي سگهجي ٿو. (3)

مطلب هي تہ جڏهن ڏينهن چڙهندو آهي تہ هر شيءِ روشن ۾ بلڪل واضح ٿي ويندي آهي، جڏهن رات ايندي آهي تہ هر شيءِ لڪي ويندي آهي. تہ امام رازي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ فرمائي رهيا آهن تہ انهن ٻنهي لفظن مان (1): لفظ ”وَالضُّحٰی“

---

1...تفسير روح المعانی،پاره:30،الضحیٰ،زيرِ آيت:2، جلد:30، صفحہ:520۔
2...حدائق بخشش، صفحہ:80۔
3...تفسيرِ کبير،پاره:30،الضحیٰ،زيرِ آيت:2، جلد:11،صفحہ:192 خلاصۃً۔

مان بہ ۾ (2): لفظ ”وَالَّيۡل“ مان بہ سيرتِ مصطفيٰ مراد آهي .سيرتِ طيبہ جا بہ 2 پهلو آهن: ۞ هڪ آهي پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اها سيرت، سندن اهي افعال، اهو ڪردار، اهي مبارڪ عادتون جيڪي ماڻهن جي سامهون آهن، ۾ ۞ هڪ آهي اها پاڪيزه سيرت، اهو بي مثال ڪردار، اهي شانَ، اهي ڪمال جيڪي ماڻهن کان لڪيل آهن، انهن کي صرف الله پاڪ ئي ڄاڻي ٿو. اَلۡحَمۡدُلِلّٰه! سيرتِ مصطفيٰ جا اهي ٻئي پهلو بي عيب آهن تہ گويا الله پاڪ فرمائي رهيو آهي: اي محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! توهان جي اها سيرت، اهو ڪردار، اهي مبارڪ عادتون جيڪي ماڻهن جي سامهون آهن، اهي بہ بي عيب آهن، اهڙي طرح توهان جي اها پاڪيزه سيرت، اهي مبارڪ شان جيڪي منهنجي ۽ توهان جي وچ ۾ راز آهن، اهي بہ بي عيب آهن اي پيارا محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! توهان جي انهن ٻنهي قسمن جي بي عيب سيرت جو قسم ! توهان جي ربّ توهان کي نہ ڇڏيو آهي، نہ ئي توهان کان ناراض ٿيو آهي.

سُبۡحٰنَ الله! ڇا شان آهي منهنجي پياري محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو...! پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سيرت اهڙي پاڪيزه آهي جو سندن ربّ ڪريم! ان مبارڪ سيرت جو قسم ارشاد فرمائي رهيو آهي شاعرِ دربارِ رسالت، صحابيءِ رسول حضرت حسّان بن ثابت رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ ڇا خوب چيو هو:

وَ اَحۡسَنُ مِنۡكَ لَمۡ تَرَ قَطُّ عَيۡنِی | وَ اَجۡمَلُ مِنۡكَ لَمۡ تَلِدِ النِّسَآءُ
خُلِقۡتَ مُبَرَّءً مِّنۡ كُلِّ عَيۡبٍ | كَاَنَّكَ قَدۡ خُلِقۡتَ كَمَا تَشَآءُ (1)

**ترجمو:** ۽ توهان جهڙو حسين منهنجي اک ڪڏهن بہ نہ ڏٺو، بلڪ توهان اهو حُسنِ مجسم آهيو جو توهان جهڙو ڪنهن ماءُ اڄ تائين ڄڻيو ئي ناهي توهان کي بي عيب پيدا ڪيو ويو، ڄڻ تہ توهان جي ربّ توهان کي ائين ناهيو، جيئن توهان چاهيو هو.

1...ديوانِ حسان بن ثابت،قافية الهمزة، خلقت مبرا، صفحه:75۔

امامِ اهلسنت، شاه امام احمد رضا خان رَحْمَةُاللّٰهِ عَلَيْه ڪيڏي نہ پياري ڳالھ ڪئي: ۽ حسّانُ الهند يعني هندستان ۾ حضرت حسّان بن ثابت رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي فيض يافتہ

وہ کمالِ حُسنِ حُضُور ہے کہ گمانِ نقص جہاں نہیں
یہی پُھول خار سے دُور ہے، یہی شمع ہے کہ دُھواں نہیں (1)

**وضاحت:** منهنجا پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو حُسن اهڙو باڪمال ۽ بي مثال آهي جو ان ۾ ڪنهن قسم جي نقص ۽ عيب جو گمان بہ موجود ناهي اهو ئي نرالو گل آهي جنهن سان ڪو ڪنڊو ناهي، اها ئي مبارڪ شمع آهي جنهن سان دونهون ناهي.

## سيرتِ پاڪ دليل آهي

اَلْحَمْدُلِلّٰه! هيءَ ڳالھ بلڪل واضح ۽ صاف آهي تہ اسان جي آقا و مولىٰ، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ربّ ڪريم بي عيب رکيو آهي ۽ ايترو بي عيب رکيو آهي جو پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي جسمِ پاڪ ۽ ڪپڙن تي مک کي بہ ويهڻ جي اجازت نہ ڏني وئي. (2)

بلڪ ان کان وڌيڪ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پاڪيزگي بي چا هوندي جو ربِ ڪائنات پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سيرتِ پاڪ کي، سندن پاڪيزه ڪردار کي، سندن مبارڪ زندگي کي سندن نبوت ۽ سچائي جو دليل ٻڌايو آهي. قرآنِ ڪريم ۾ آهي تہ جڏهن مڪي جي ڪافرن پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نبوت تي اعتراض ڪيا تہ الله پاڪ فرمايو: اي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن کي فرمائي ڇڏيو!

فَقَدْ لَبِثْتُ فِيْكُمْ عُمُرًا مِّنْ قَبْلِهٖؕ اَفَلَا تَعْقِلُوْنَ۝۱۶ (سيپارو: 11، اليونس: 16)

**ترجمو ڪنز العرفان:** ۽ پوءِ بيشڪ مان ان کان پهريان توهان ۾ پنهنجي هڪ عُمر گذاري چڪو آهيان پوءِ ڇا توهان کي عقل ناهي.

1...حدائقِ بخشش،صفحہ:107۔
2...کتاب الشفا، الباب الرابع ، فصل ومن ذالک ماظہر... الخ،جز:1،صفحہ:273 خلاصۃً ۔

يعني اي ڪُفارِ مڪہ! مان توهان جي وچ ۾، توهان جي اکين جي سامهون 40 سالن جي زندگي گذاري چڪو آهيان توهان منهنجي صداقت کي بہ سڃاڻو ٿا، منهنجي امانتداري کي بہ خوب سڃاڻو ٿا منهنجي جواني جي عمر بہ توهان جي اکين سامهون گذري آهي توهان چڱيءَ طرح ڄاڻو ٿا تہ مون ڪڏهن بہ الله پاڪ جي نافرماني نہ ڪئي آهي،[1] ڪڏهن ڪوڙ نہ ڳالهايو آهي تہ ڇا هاڻي مان الله پاڪ تي ڪوڙ ڳالهائيندس؟ ڇا هيءَ ڪوڙي دعويٰ ڪندس تہ الله پاڪ مون کي نبي بڻايو ۽ مون تي ڪتاب نازل ڪيو آهي...؟ ڇا توهان عقل نٿا رکو...؟

تری صُورت تری سیرت زمانے سے نرالی ہے | تری ہر ہر ادا پیارے دلیلِ بے مثالی ہے[2]

## غير مسلم ڪلمو پڙهي مسلمان ٿي ويو

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰه! هي منهنجي محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو شان آهي الله پاڪ پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي هر عيب کان پاڪ رکيو آهي ڳالهہ تہ بلڪل واضح آهي پر گهٽ عقلي جو ڇا ڪجي، اهڙا اهڙا نادان بہ دنيا ۾ موجود آهن، جيڪي ڪمالات کي عيب جو رنگ ڏئي مَعَاذَ الله! اعتراض ڪندا هئا هڪ ڀيري ڪجهہ غير مسلم ڪٿي ويهي پاڻ ۾ ڳالهيون ڪري رهيا هئا گفتگو دوران پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ذڪر شروع ٿي ويو ظاهر آهي غير مسلم هئا، سنيون ڳالهيون تہ نہ ڪندا ڳالهين ڳالهين ۾ هي تذڪرو شروع ٿي ويو تہ پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم 11 شاديون ڪيون آهن هاڻي سڀ غير مسلم هڪ هڪ ڪري ان تي پنهنجا خيال ظاهر ڪرڻ لڳا هڪ غير مسلم جيڪو انهن جي وچ ۾ ويٺو هو، جڏهن هن اهو تذڪرو ٻڌو تہ ان ئي وقت ڪلمو پڙهي مسلمان ٿي ويو ٻين هن کان پڇيو: توکي ان ۾ اهڙي ڪهڙي ڳالهہ نظر آئي جو تون پنهنجو دين بدلائي رهيو آهين؟ هاڻي اهو نئون مسلمان چوڻ لڳو: ڏسو! اها شخصيت جنهن کي

---

1...تفسیرِ قرطبی،پارہ:11،یونس،زیرِ آیت:16، جز:8،جلد:4،صفحہ:162 ملتقطًا۔
2...ذوقِ نعت،صفحہ:230۔

اللّٰه پاڪ بي مثال حُسن سان نوازيو هجي، بي مثال طاقت عطا فرمائي هجي ۽ زمانو بہ ڪھڙو؟ اهو جنھن کي زمانۂ جاهليت چيو وڃي ٿو، جتي فحاشي، عرياني، بي حيائي بلڪل عام هئي اهڙي زماني ۾، اهڙي بي مثال حُسن وارو شخص پنھنجي جواني پاڪيزگي سان گذاري، پوءِ 25 سالن جي عمر ۾ نڪاح بہ ڪري تہ ڪنھن سان؟ 40 سالن جي بيوه عورت سان، پوءِ جوانيءَ جا سمورا سال ان تي ئي گذاري ڇڏي ان مان خبر پئي ٿي تہ مُحَمَّدِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مَعَاذَ اللّٰه! نفس جي خواهشن تي هلڻ وارا نہ هئا، بلڪ سندن هر هر ڪم، هر هر ادا ربِ ڪائنات جي رضا جي تحت ٿي رهي هئي، تنھن ڪري جيڪي اهڙن ڪمالن وارا هجن، اهي هڪ سچا نبي ئي ٿي سگھن ٿا.(1)

تری سیرت نے لاکھوں بت پرستوں کو کیا مومن

تری صورت دوائے درد منداں یا رسولَ اللّٰہ! (2)

اللّٰه! اللّٰه! پيارا اسلامي ڀائرو! هيءَ آهي اسان جي آقا و مولیٰ مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پاڪيزه سيرت، بي عيب سيرت، جو صدين کان پوءِ بہ جيڪڏهن ڪو تعصب جا پردا هٽائي سچي دل سان پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پاڪيزه سيرت پڙهي تہ ڪلمو پڙهڻ کان سواءِ رهي نہ سگھندو تہ اللّٰه پاڪ ان ئي پاڪيزه سيرت جو قسم ارشاد فرمائي چيو:

| | |
|---|---|
| مَا وَدَّعَكَ رَبُّكَ وَ مَا قَلٰى ؕ﴿۳﴾<br>(سيپارو: 30، الضحيٰ: 3) | ترجمو ڪنزُ العرفان: تنھنجي رب نہ توکي ڇڏيو ۽ نہ ناپسند ڪيو |

اللّٰه پاڪ اسان کي اهڙي پاڪيزه سيرت واري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پياري پياري، سني سني، نرالي سيرتِ پاڪ جي پيروي ڪرڻ جي توفيق نصيب فرمائي اڄڪلھ ماڻھو معاذ اللّٰه! غيرن جي نقل ڪن ٿا، غير مسلمن وارا رويا اختيار ڪن ٿا ڪاش! اسان پنھنجي محبوب نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سيرتِ پاڪ کي، پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سنتن کي

1...تحفۂ معراج النبی، صفحہ:377 خلاصۃً ۔
2...قبالۂ بخشش،صفحہ:228۔

معيار ٻڌايون، پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سنتن تي هلون. اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! سُنتِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي برڪت سان اسان جو ڪردار بہ نکريل، پيارو پيارو، حسين و جميل ٿي ويندو ۽ الله پاڪ چاهيو تہ سُنت تي عمل جي برڪت سان دنيا ۽ آخرت ۾ ڪامياب ٿي ويندا سين.

## سُنت تي عمل جي فضيلت

2 فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: (1): تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِی فَقَدْ اَحَبَّنِی وَمَنْ اَحَبَّنِی كَانَ مَعِیَ فِی الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سُنت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي، ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1] (2): ٻنهي جهانن جي تاجدار، سلطانِ بَحر و بَر صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اَلْمُتَمَسِّكُ بِسُنَّتِی عِنْدَ فَسَادِ اُمَّتِی لَهُ اَجْرُ شَهِيدٍ يعني امت جي فساد جي وقت جيڪو شخص منهنجي سنت تي عمل ڪندو ان کي شهيد جو ثواب عطا ٿيندو.[2]

| | |
|---|---|
| مطیع اپنا مجھ کو بنا یااِلٰہی! | سدا سنتوں پر چلا یااِلٰہی! |
| تُو انگریزی فیشن سے ہر دم بچا کر | مجھے سنتوں پر چلا یااِلٰہی! |
| تجھے واسطہ سیدہ آمنہ کا | بناعاشق مصطفےٰ یااِلٰہی! (3) |

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## زُلفِ مصطفيٰ جو قسم

پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ فرمايو:

| | |
|---|---|
| وَالضُّحٰى ﴿۱﴾ وَالَّيْلِ اِذَا سَجٰى ﴿۲﴾ (پارو :30، الضحى:1-2) | ترجمو ڪنزُالعرفان: چڙهندڙ ڏينهن جي وقت جو قَسم ۽ رات جو جڏهن اها ڍڪي ڇڏي. |

1...تاريخ مدينہ دمشق، جلد:9، صفحہ:343۔
2...معجم اوسط، من اسمہ محمّد، جلد:4، صفحہ:119، حديث:5414۔
3...وسائلِ بخشش،صفحہ:100-101 ملتقطًا۔

مفسرينِ ڪرام ان جي هڪ ايمان افروز معنيٰ هي بيان فرمائي آهي تہ "وَالضُّحٰی" مان رُخِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مراد آهي ۽ "وَالَّيْل" مان پاڪ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زُلفِ مبارڪ ڏانهن اشارو آهي يعني ربِ ڪائنات هن مقام تي پاڪ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي روشن چهري ۽ زُلفِ مبارڪ جو قسم ارشاد فرمايو آهي.[1] اَلْحَمْدُلِلّٰه! گذريل جمعي تي اسان پياري نبي، سنّي نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پُرنور چهري جو مختصر تذڪرو ٻڌو هو، اڄ اچو! زُلفِ مصطفيٰ جون ڳالهيون ڪريون.

میرے معبود کو پیارے میرے سرکار کے گیسو
عروجِ حُسن سے آگے میرے سرکار کے گیسو
زیارت گیسوؤں کی ہے نبی کی دید کا حِصَّہ
وہ ہے خوش بخت جو دیکھے میرے سرکار کے گیسو
جہاں میں عشق و مستی کی یہ خوشبو اس لئے پھیلی
کہ ہوا کہ دوش پر مہکے میرے سرکار کے گیسو

## مُوءِ مبارڪ جو پاڪ وصف

اسان جا آقا، جانِ عالَم، نورِ مجسم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا مُوءِ مبارڪ نہ گُنڍيدار هئا نہ بلڪل سڌا، بلڪ انهن ٻنهي ڪيفيتن جي وچ ۾ هئا. پاڪ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا وارَ مبارڪ سندن ڪنن جي لَو تائين هئا. (2)

نہ گھونگھر والے، نہ بالکل سیدھے، وہ گیسو خمیدہ ہیں

گھنے اور رنگ میں کالے میرے سرکار کے گیسو

اسان جي سرڪار، ٻنهي عالمن جي تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هميشہ مٿي مبارڪ تي وار پورا رکيا (يعني ڪڏهن ائين نہ ٿيو تہ ڪٽان ڪترايا ۽ ڪٽان

---

1...تفسیر روح المعانی،پارہ:30،الضحی،زیرِ آیت:2، جلد:30، صفحہ:520۔
2...الشمائل المحمدیہ،باب ما جاء فی شعر رسول اللہ، صفحہ:107-108، حدیث:27 خلاصتاً۔

رکيا هجن، رکيا تہ پوري متي جا رکيا، حلق ڪرايو تہ پوري متي مبارڪ جو ڪرايو) پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون مبارڪ زلفون ڪڍهن اڌ ڪن تائين هونديون هيون،[1] ڪڍهن ڪن مبارڪ جي لَو تائين، ۽ ڪڍهن ڪڍهن وڏي ڪري مبارڪ ڪلهن کي جهومي جهومي چمڻ لڳنديون هيون.[2]

گوش تک سنتے تھے فریاد اب آئے تا دوش
کہ بنیں خانہ بدوشوں کو سہارے گیسو[3]

**وضاحت:** جڏهن مبارڪ وار ڪنن تائين هئا تہ ان ۾ اشارو هو تہ اي امّتيو! هي مبارڪ ڪن اوهان جي فرياد ٻڌڻ لاءِ آهن، هاڻي مبارڪ وار ڪلهن تائين اچي ويا، هاڻي چڻ تہ اشارو ڏين پيا تہ اي بي سهارا امّتيو! گهٻرايو نہ، هي مبارڪ ڪلها اوهان جي سهاري لاءِ آهن.

## متي ۽ ڏاڙهي ۾ تيل وجهڻ

اسان جا پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي متي مبارڪ ۽ ڏاڙهي مبارڪ ۾ تيل وجهندا هئا، ڦڻي ڪندا هئا، ۽ متي جي وچ ۾ چير (سينڌ) ڪيندا هئا. حضرت انس بن مالڪ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: الله پاڪ جا محبوب، داناءِ غُيُوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم متي مبارڪ ۾ اڪثر تيل لڳائيندا هئا ۽ ڏاڙهي مبارڪ ۾ ڦڻي ڪندا هئا، ۽ اڪثر متي مبارڪ تي ڪپڙو رکندا هئا، ايستائين جو اهو ڪپڙو تيل سان آلو رهندو هو.[4]

شانہ ہے پنجۂ قدرت ترے بالوں کے لئے
کیسے ہاتھوں نے شہا! تیرے سنوارے گیسو[5]

**وضاحت:** رسولِ اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ هٿن کي ربِّ ڪريم يدُالله فرمايو آهي، سُبْحٰنَ الله! هي ڪهڙا نہ قدرت وارا هٿ آهن، جو انهن جو اشارو

1...الشمائل المحمديہ،باب ما جاء فی شعر رسول اللہ ،صفحہ:104 ،حديث:24۔
2...الشمائل المحمديہ،باب ما جاء فی شعر رسول اللہ ،صفحہ:106-107 ،حديث:25-26 ملتقطًا۔
3...حدائقِ بخشش،صفحہ:119۔
4... الشمائل المحمديہ،باب ما جاء فی ترجل رسول اللہ ،صفحہ:114،حديث:33۔
5...حدائقِ بخشش،صفحہ:121۔

ٿئي تہ چند 2 ٽڪرا ٿي وڃي، بڏل سج واپس اچي وڃي، بيمار تي لڳن تہ شفا ملي وڃي، اهڙن ڪمال جي قدرت وارن هٿن سان پاڻ سڳورا پنهنجون زلفون سينگاريندا هئا. اعليٰ حضرت انهيءَ ڪي ئي فرمائن ٿا: يا رسولَ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! پنج قُدرت (يعني اهي مبارڪ هٿ جيڪي يَدُالله آهن، ڪمال قدرت وارا آهن)، اهي اوهان جي زلفن لاءِ ڦڻي آهن، مَاشَآءَالله! اي شاهِ ڪونين صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! ڪهڙن نہ هٿن اوهان جا گيسو سينگاريا آهن.

## مُوءِ مبارڪ جون نراليون برڪتون

پيارا اسلامي ڀائرو! ربِ ڪريم پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مُوءِ مبارڪ کي نرالا شان عطا فرمايا آهن جيئن پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پاڪيزه سيرت بي عيب آهي، اهڙي طرح پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا مُوءِ مبارڪ بہ بي عيب آهن جيئن پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مٿي ڪان پيرن تائين معجزو آهن، اهڙي طرح پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مُوءِ مبارڪ کي بہ اعجازي شان عطا ڪئي وئي آهي.

اِک عمر مِلا لَمس تجھے دستِ نبی کا
جب ریشِ نبی میں تُو رہا موئے مبارک
ہجرت کے مراحِل ہوں کہ معراجِ نبی ہو
تھے ہمسفرِ ثور و حرا موئے مبارک
ہر آن رفاقت اسے آقا کی ملی تھی
سدرہ سے وراء ساتھ رہا موئے مبارک

## آقا ڪريم مُوءِ مبارڪ عطا فرمايا

حضرت شاه ولي الله محدث دهلوي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جا والد ماجد شاه عبدالرحيم رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هڪ ڀيري مون کي بخار ٿيو ۽ گهڻو وقت رهيو ايستائين جو زندگي کان نااميد ٿي ويس ان دوران هڪ ڀيري مون تي ننڊ جو غلبو

طاري ٿيو، مون خواب ۾ شيخ عبدالعزيز رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه کي ڏٺو پاڻ تشريف فرما ٿيا ۽ فرمايائون: پٽ! رسولُ الله صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تنهنجي عيادت (بيمار پرسي) لاءِ تشريف آڻي رهيا آهن ۽ گهڻو ڪري ان طرف کان تشريف آڻيندا جنهن طرف تنهنجي کٽ جا پاوا آهن، تنهن ڪري پنهنجي کٽ کي ڦيرائي ڇڏ ته جيئن تنهنجا پير ان طرف نه هجن فرمائن ٿا: ايترو ٻڌندي ئي مون کي آرام محسوس ٿيو ۽ منهنجي اڪ ڪلي وئي بخار جي شدت هئي، ڳالهائڻ جي طاقت نه هئي مون حاضرين کي اشاري سان ئي کٽ جو رخ ڦيرائڻ لاءِ چيو رخ ڦيرايو ويو، مون تي وري ننڊ جو غلبو طاري ٿي ويو پوءِ هاڻي خواب ۾ سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تشريف فرما ٿيا ۽ مون بيمار جي حال تي ڪرم ڪندي فرمايائون: كَيْفَ حَالُكَ يَا بُنَيَّ؟ پٽ! ڪهڙو حال آهي مون جهڙي لاءِ اهڙو شفقت ڀريو ارشاد...! الله اڪبر! ان پاڪيزه ڪلام جي لذت مون تي اهڙي غالب ٿي جو مون کي وجد اچي ويو ۽ هڪ عجيب ڪيفيت طاري ٿي وئي. پوءِ سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون کي اهڙي طرح هنج ۾ رکيو جو سندن رِيْش (يعني ڏاڙهي مبارڪ) منهنجي مٿي تي هئي ۽ لباس مبارڪ منهنجي ڳوڙهن سان آلو ٿي رهيو هو پوءِ آهستي آهستي هي حالت سڪون ۾ بدلجي وئي ان دوران مون کي خيال آيو ته سالن کان شوق آهي ته امت جي والي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا مُوءِ مبارڪ نصيب ٿين اڄ ڪهڙو نه ڪرم ٿئي جو مون کي منهنجا آقا صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هي دولت عطا فرمائن بس منهنجي دل ۾ خيال اچڻ جي دير هئي ته حبيبِ خُدا صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم منهنجي دل جي ڳالهه ڄاڻي ورتي ۽ پنهنجي ڏاڙهي مبارڪ تي هٿ ڦيرائي 2 مُوءِ مبارڪ مون کي عطا فرمايا مون مُوءِ مبارڪ جي دولت حاصل ڪئي پر دل ۾ خيال پيدا ٿي رهيو هو ته مان خواب جي حالت ۾ آهيان، خبر ناهي جاڳڻ کان پوءِ هي وار مبارڪ مون وٽ هوندا يا نه؟ منهنجو هي خيال به چشمِ نبوت کان لڪي نه سگهيو پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: پٽ! هي ٻئي وار تو وٽ ئي رهندا ان کان پوءِ سرڪارِ

عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڏکھي زندگي ۾ صحت و عافيت جي بشارت عطا فرمائي تہ مون کي ان ئي وقت آرام اچي ويو پوءِ منھنجي اک کلي وئي، مون فوراً ڏيئو گھرايو ۾ ڏٺم تہ اھي ٻئي وار مبارڪ منھنجي ھٿ ۾ نہ ھئا مان غمگين ٿي ويس ۾ دل ئي دل ۾ ٻيھر بارگاهِ رسالت ڏانھن متوجہ ٿيس پوءِ مون وري خواب ۾ ڏٺو تہ امت جا والي، سرڪارِ عالي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جلوه فرما آھن ۾ فرمائي رھيا آھن: پٽ! مون ٻئي وار تنھنجي وھاٽي جي ھينان رکي ڇڏيا آھن، اتان کڻجان!

مون جاڳڻ کان پوءِ وھاٽي ھينان اھي ٻئي مُوءِ مبارڪ کٽي ورتا ۾ انھن کي پاڪيزه جاءِ تي نھايت تعظيم ۾ تڪريم سان محفوظ ڪري ڇڏيو۔[1]

ادا کرتے ہیں وہ سُنّت صحابہ کی جنہوں نے بھی
تبرُّک جان کر رکھے میرے سرکار کے گیسو
زیارت گیسوؤں کی ہے نبی کی دید کا حِصَّہ
وہ ہے خوش بخت جو دیکھے میرے سرکار کے گیسو

## مُوءِ مبارڪ جا 3ڪمال

حضرت شاه عبدالرحيم رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: مون انھن مبارڪ وارن جا 3 ڪمال ڏٺا:

(1): **پھريون ڪمال:** اھو تہ اھي ٻئي مُوءِ مبارڪ پاڻ ۾ چنبريل رھندا ھئا پر جڏھن انھن جي سامھون حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ذات مقدس تي درود پاڪ پڙھيو ويندو ھو تہ اھي ٻئي وار مبارڪ الڳ الڳ ٿي بيھي رھندا ھئا.

پڑھیئے جدوں درود تے زلفاں جھوم دیاں | ویکھے عجب خصال نے تیریاں زلفاں دے

(2): **ٻيو ڪمال:** اھو تہ ھڪ ڀيري 3ماڻھو جيڪي ان معجزي جا منڪر ھئا، اھي آيا ۾ بحث شروع ڪري ڏنائون تہ ائين ڪيئن ٿي سگھي ٿو؟

1...انفاس العارفين(مترجم)،صفحہ:116 بتغير قليل۔

حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خواب ۾ اچي ڪنهن ڪي وار ڪيئن عطا فرمائي سگهن ٿا؟ خواب ته خواب هوندو آهي، ان جو حقيقت سان ڪو تعلق ناهي .ان بنياد تي انهن ٽنهي مُوءِ مبارڪ کي آزمائڻ چاهيو مان بي ادبي جي خوف کان ان تي راضي نه ٿيس پر چا ڪجي؟ بحث وڌي ويو آخر منهنجي عزيزن اهي وار مبارڪ ڪٽي اُس ۾ رکيا فوراً ڪڪر اچي ڇانوَ ڪري ڇڏي، جڏهن ته اُس سخت هئي، ڪڪرن جي موسم به نه هئي. اهو ڏسي انهن مان هڪ توبه ڪئي ۽ مجي ورتائين ته واقعي حبيبِ خُدا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا ئي مُوءِ مبارڪ آهن بين 2 منڪرن چيو: هي اتفاقي معاملو آهي پوءِ بيو پيرو وري مُوءِ مبارڪ کي اُس ۾ رکيو ويو، هن پيري به ڪڪر فوراً حاضر ٿي اُس کان اوٽ ڪري ڇڏي هاڻي بيو منڪر به مجي ويو ۽ توبه ڪيائين ٽيون اجا به بحث ڪري رهيو هو پوءِ ان جي تسلي لاءِ مُوءِ مبارڪ کي ٽيون پيرو سج ۾ رکيو ويو هن پيري به اهو ئي معاملو ٿيو، فوراً ڪڪر آيا ۽ خدمت انجام ڏنائون هاڻي ٽئين به مجي ورتو ۽ توبه ڪيائين.

هم سيه کاروں پہ یارَبّ! تپشِ محشر میں
سایہ افگن ہوں ترے پیارے کے پیارے گیسو( 1 )

**وضاحت:** اي الله پاڪ! قيامت جي ڏينهن جڏهن سج هڪ ميل جي مفاصلي تي رهي باهه وسائي، ٽامي جي زمين تَپي رهي هجي، ان وقت تنهنجي پياري محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پيارن گيسُن جو اسان کي سايو نصيب فرماءِ.

(3): **ٽيون ڪمال:** اهو ته هڪ پيري ڪجهه ماڻهو مُوءِ مبارڪ جي زيارت لاءِ آيا صندوق جنهن ۾ اهي مُوءِ مبارڪ هئا، مان ان کي ٻاهر ڪڍي آيس ڪافي ماڻهو گڏ هئا مون تالو کولڻ لاءِ چابي لڳائي ته تالو نه کليو گهڻي ڪوشش ڪيم پر تالو نه کلي سگهيو پوءِ مون پنهنجي دل ڏانهن توجهه ڪيو ته معلوم ٿيو ته انهن زائرين ۾ فلاڻو شخص جُنُبي آهي يعني ان تي غسل فرض آهي. ان سبب کان تالو پيو کُلي، مون پرده پوشي ڪندي سيني کي

1...حدائقِ بخشش،صفحہ:119۔

چيو: وجو ۾ ٻيهر طهارت ڪري اچو پوءِ جڏهن اهو جنبي شخص ميڙ مان ٻاهر ويو تہ تالو آساني سان کلي ويو ۽ اسان سيني زيارت ڪئي.[1]

ڪعبۂ جاں کو پنھایاہے غلافِ مشکیں

اُڑ کر آئے ہیں جو اَبرو پہ تمہارے گیسو[2]

**وضاحت:** مصطفيٰ جا زُلف صَلَّی اللہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اُڏامي ڪري ڪڏهن چهري پُرنُور تي ايندا هوندا، هن شعر ۾ اعليٰ حضرت رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَيْہ ان خوبصورت منظر کي بيان فرمايو آهي تہ يا رسولَ الله صَلَّی اللہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! جڏهن اوهان جا زُلف مبارڪ اُڏامي چهري پُرنُور کي ڍڪي ڇڏيندا آهن تہ ايئن لڳندو آهي ڄڻ ڪعبي شريف کي خوشبون لڳل غلاف پارايو ويو هجي.

## مُوءِ مبارڪ شفا بخش آهن

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُلِلّٰه! رسولِ خُدا، احمدِ مجتبيٰ صَلَّی اللہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مشڪل ڪُشا، حاجت روا آهن. الله پاڪ جي ڪرم سان پاڻ ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي مُوءِ مبارڪ کي بہ هي شان عطا ڪيو ويو آهي تہ مُوءِ مبارڪ جي برڪت سان هر مرض کان شفا ملندي آهي روايتن ۾ آهي: مقامِ حديبيہ ۾ رحمت عالم نورِ مُجَسَّم صَلَّی اللہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم وار ڪترائي سمورا وار مبارڪ هڪ سائي وڻ تي وجهي ڇڏيا. صحابہءِ ڪرام رَضِیَ اللہُ عَنْھُم ان ئي وڻ هينان گڏ تي ويا ۽ وارن کي هڪ ٻئي کان ونڻ لڳا حضرت اُمِّ عُمَارَہ رَضِیَ اللہُ عَنْھا فرمائن ٿيون تہ مون بہ ڪجھ وار حاصل ڪري ورتا رحمتِ عالم نورِ مجسم صَلَّی اللہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي وصال ظاهري کان پوءِ جڏهن ڪو بيمار ٿيندو هو تہ مان انهن مبارڪ وارن کي پاڻي ۾ ٻوڙي اهو پاڻي مريض کي پياريندي هئس تہ الله ربُّ العزّت ان کي صحت عطا ڪري ڇڏيندو هو.[3]

وہ کرم کی گھٹا گیسوئے مشک سا | لکۂ اَبرِ رأفَت پہ لاکھوں سلام[4]

---

1...انفاس العارفين(مترجم)،صفحہ:117 بتغير قليل۔

2...حدائقِ بخشش،صفحہ:120۔

3...مدارج النبوة،وصل کشتن صحابہ شتران ...الخ،جز:2،صفحہ:217۔

4...حدائقِ بخشش،صفحہ:299۔

**وضاحت:** سيدي اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا: بخشش ۽ ڪرم جي ڪاري ڪاري گهٽا يعني گيسوءِ مصطفيٰ جنهن مان ڪستوري ڪان وڌيڪ خوشبوءِ جا هُبڪار ايندا هئا، ان مهرباني جي ڪڪر جي ٽڪري (زلفِ مبارڪ) تي بہ لکين سلام هجن.

## غسالم شريف سان شفا ملي ويندي هئي

حضرت عثمان بن عبداللّٰه بن مَوۡهَب رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ کان روايت آهي: منهنجي گهر وارن مون کي پاڻي جو پيالو ڏئي اُمُّ الۡمُؤۡمِنِیۡن حضرت اُمِّ سلمہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہا وٽ موڪليو حضرت اُمِّ سلمہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہا حضورِ اڪرم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جا مُوءِ مبارڪ ڪنهن دٻي ۾ رکيا هئا مون دٻي ۾ جهاتي پاتي تہ ڪجھ ڳاڙها وار ڏٺم.[1]

حضرت علامہ مُلا علي قاري رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ هن حديثِ پاڪ جي شرح ۾ فرمائن ٿا: اُمِّ المومنين حضرت اُمِّ سلمہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہا وٽ حضور انور صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جا ڪجھ مُوءِ مبارڪ هئا جن کي پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہا هڪ چانديءَ جي دٻي ۾ رکيو هو ماڻهو جڏهن بيمار ٿيندا هئا تہ اهي انهن مُوءِ مبارڪ کان برڪت حاصل ڪندا هئا ۽ انهن جي برڪت سان شفا طلب ڪندا هئا تاجدارِ رسالت صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي مُوءِ مبارڪ کي پاڻي جي پيالي ۾ رکي اهو پاڻي پي ويندا هئا تہ انهن کي شفا ملي ويندي هئي.[2]

**پيارا اسلامي ڀائرو!** هن حديثِ پاڪ مان 2 مسئلا معلوم ٿيا: **(1):** صحابہءِ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُم حضور جانِ ڪائنات صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جا وار مبارڪ برڪت لاءِ پنهنجن گهرن ۾ رکندا هئا **(2):** صحابہءِ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُم مُوءِ مقدس جو ڪمال ادب ۽ احترام ڪندا هئا جو ان کي رکڻ لاءِ خاص ۽ قيمتي دٻي نهرائيندا هئا ۽ ان ۾ خوشبو رکندا هئا.[3]

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

1... بخاری،کتاب اللباس، باب ما یذکر فی الشیب،صفحہ:1480،حدیث:5896 ملتقطًا۔
2...عمدۃ القاری،کتاب اللباس ،باب ما یذکر فی الشیب،جلد:15،صفحہ:94، تحت الحدیث:5896ملتقطًا۔
3...مرآۃ المناجیح،جلد:6،صفحہ:249 بتغیر قلیل۔

## مُوءِ مبارڪ جي تعظيم فرض آهي

اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحْمَةُاللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: آيتن ۽ حديثن جي نقشن يعني صفحي تي نظر ايندڙ لفظن جي جهڙي طرح تعظيم فرض آهي، اهڙي طرح حضور پُر نور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي چادر ۽ قميص، خاص طور تي ننهن ۽ مُوءِ مبارڪ جي تعظيم بہ فرض آهي.[1]

## مُوءِ مبارڪ فتح بخش آهن

اي عاشقانِ رسول! اَلْحَمْدُلِلّٰه! اسان جي آقا و مولیٰ، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا مُوءِ مبارڪ شفا بخش بہ آهن، ان سان گڏوگڏ فتح بخش بہ آهن جي ها! مُوءِ مبارڪ جي برڪت سان مشڪلاتون ٽري وينديون آهن ۽ زندگي جي هر ميدان ۾ انهن جي برڪت سان ڪاميابي نصيب ٿيندي آهي جيئن تہ مشهور صحابيءِ رسول حضرت خالد بن وليد رَضِیَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا تہ خوش قسمتي سان حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پيشاني مبارڪ جا وار مون وٽ هئا مون انهن کي پنهنجي ٽوپي ۾ اڳيان سبي رکيو هو انهن وارن جي برڪت هئي تہ سڄي عمر هر جهاد ۾ فتح ۽ نصرت حاصل ٿيندي رهي.[2]

فقط اس واسطے خالِد نے ہر اک معرکہ جیتا
انہوں نے ٹوپی میں رکھے میرے سرکار کے گیسو

## غير مسلم لشڪرين جا پير اکڙي ويا

هڪ ڀيري حضرت خالد بن وليد رَضِیَ اللهُ عَنْهُ ٿوري فوج وٺي ملڪ شام ۾ جبله بن اَيْهم جي قوم جي مقابلي لاءِ تشريف وٺي ويا ۽ ٽوپي گهر وساري آيا جڏهن مقابلو ٿيو تہ رومين جو وڏو آفيسر مارجي ويو ان وقت جبله سموري لشڪر کي حڪم ڏنو تہ مسلمانن تي هڪدم سخت حملو ڪريو حملي جي وقت صحابہءِ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنْهُم جي حالت نازڪ ٿي وئي ايستائين جو رافع بن

---

1... فتاویٰ رضویہ، جلد:9،صفحہ:118- 119 بتغیر قلیل ۔
2... معجمِ کبیر،جلد:3 ،صفحہ:4 ،حدیث:3714 ملتقطاً ۔

عميره طائي رَضِیَ اللہُ عَنْہُ حضرت خالد بن وليد رَضِیَ اللہُ عَنْہُ کي چيو: اُج لڳي ٿو ته اسان جي قضا اچي وئي آهي حضرت خالد بن وليد رَضِیَ اللہُ عَنْہُ فرمايو: سچ ٿا چئو، ان جو سبب هي آهي ته مان اڄ ٽوپي گهر وساري آيو آهيان جنهن ۾ حضور پر نور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا مُوءِ مبارڪ آهن هتي هي حالت هئي ۽ اتي ان ئي رات حضور سيدالمرسلين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت ابو عبيده رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جي خواب ۾ تشريف فرما ٿيا حضرت ابوعبيده رَضِیَ اللہُ عَنْہُ اسلامي لشڪر جا امير هئا سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم غيب جي خبر ڏيندي فرمايو: اي ابوعبيده! تون هن وقت سمهي رهيو آهين، اٿ ۽ خالد بن وليد جي مدد لاءِ پهچ! ڪافرن کين گهيري ڇڏيو آهي.

حضرت ابو عبيده رَضِیَ اللہُ عَنْہُ ان ئي وقت اٿيا ۽ لشڪر تيار ڪري فوراً تيزي سان روانا ٿيا رستي ۾ حضرت ابوعبيده رَضِیَ اللہُ عَنْہُ هڪ سوار کي ڏٺو جيڪو گهوڙو ڊوڙائيندو ڪانئس اڳتي وڃي رهيو هو اهو ڏسي پاڻ ڪجهه تيز رفتار سوارن کي حڪم ڏنو ته ان سوار جو حال معلوم ڪيو! سوار جڏهن ويجهو پهتا ته سڏ ڪري چيائون: اي جوان مرد سوار! ٿورو بيهو اهو ٻڌندي ئي هو بيهي رهيو معلوم ڪيو ويو ته اها حضرت خالد بن وليد رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جي زوجه هئي، حضرت ابو عبيده رَضِیَ اللہُ عَنْہُ ان کان سفر جو سبب پڇيو ته چيائين: اي امير! جڏهن رات جو مون ٻڌو ته توهان لشڪر اسلام ۾ اعلان ڪرايو ته حضرت خالد بن وليد رَضِیَ اللہُ عَنْہُ کي دشمنن گهيري ڇڏيو آهي، فوراً تيار ٿي وڃو! ته مون خيال ڪيو ته هو ڪڏهن به ناڪام نه ٿيندا ڇو ته انهن سان گڏ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا مُوءِ مبارڪ آهن پر جيئن ئي مون ڏٺو ته منهنجي نظر سندن ٽوپي تي پئي جنهن ۾ مُوءِ مبارڪ هئا نهايت افسوس ٿيو ۽ ان ئي وقت هلي پيس ته ڪنهن طرح انهن تائين ٽوپي پهچايان". حضرت ابو عبيده رَضِیَ اللہُ عَنْہُ فرمايو: خدا توکي برڪت ڏئي اها به انهن سان گڏ لشڪر ۾ شريڪ ٿي وئي.

حضرت رافع بن عميره رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جيڪي حضرت خالد بن وليد رَضِیَ اللہُ عَنْہُ سان گڏ هئا، فرمائن ٿا: حالت هي هئي ته اسان پنهنجي زندگين کان بلڪل مايوس

ٿي چڪا هئاسين تہ اوچتو تڪبير جو آواز آيو. حضرت خالد بن وليد رَضِيَ اللّٰہُ عَنْہُ ڏٺو تہ هي آواز ڪٿان آيو آهي جڏهن رومين جي لشڪر تي نظر پئي تہ ڇا ڏٺائون تہ ڪجهہ سوار انهن جو پيڇو ڪري رهيا آهن ۽ اهي بدحواس ٿي ڀڄي رهيا آهن، حضرت خالد بن وليد رَضِيَ اللّٰہُ عَنْہُ گهوڙو ڊوڙائي هڪ سوار جي ويجهو پهتا ۽ پڇيائون تہ اي جوان مرد سوار! تون ڪير آهين؟ هن جواب ڏنو: مان توهان جي زوجہ اُمِّ تميم رَضِيَ اللّٰہُ عَنْہَا آهيان، توهان جي مبارڪ ٽوپي کڻي آئي آهيان جنهن جي برڪت سان توهان دشمنن تي فتح حاصل ڪندا آهيو، حضرت خالد بن وليد رَضِيَ اللّٰہُ عَنْہُ ٽوپي مبارڪ پائي ورتي حديث جو راوي قسم کڻي چوي ٿو تہ حضرت خالد بن وليد رَضِيَ اللّٰہُ عَنْہُ ٽوپي پائي جڏهن ڪافرن تي حملو ڪيو تہ ڪافرن جا پير اکڙي ويا ۽ مسلمانن کي فتح نصيب ٿي وئي. (1)

لیئے آئی اُمِّ تمیم جو ٹوپی فتح تھی اس میں
بدل دیں جنگ کے نقشے میرے سرکار کے گیسو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## مُوءِ مبارڪ وَلِي بڻائيندڙ آهن

پيارا اسلامي ڀائرو! هي مُوءِ مبارڪ جون 2 اهم برڪتون ٿيون (1): موءِ مبارڪ شفا بخش آهن (2): مُوءِ مبارڪ اللّٰہ پاڪ جي عطا سان مشڪل ڪشا، حاجت روا ۽ فتح بخش آهن مُوءِ مبارڪ جي ٽئين ۽ اهم برڪت هيءَ آهي تہ اَلْحَمْدُلِلّٰه! منهنجي پياري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جا پيارا پيارا مُوءِ مبارڪ اللّٰہ پاڪ جي فضل سان وَلِي بڻائيندڙ بہ آهن جي ها! مُوءِ مبارڪ جو ادب ۽ احترام ڪرڻ جي برڪت سان اللّٰہ پاڪ وِلايت بہ عطا فرمائي ڇڏي ٿو سيدي داتا گنج بخش هجويري رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: حضرت ابوالعباس مهدي رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَیْہ مَرُو نالي علائقي جي هڪ خوشحال گهراڻي جا چشم و چراغ هئا، والد صاحب جي انتقال کان پوءِ پاڻ کي وراثت ۾ گهڻي دولت ملي هڪ ڀيري ڪين خبر پئي تہ فلاڻي شخص وٽ رحمت عالم حبيب مڪرم

1...فتوح الشام،جبلة يحارب خالدا،جلد:1،صفحه:142-145 خلاصةً۔

صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا 2 مُوءِ مبارڪ آهن سندن دل ۾ مُوءِ مبارڪ جو شوق پيدا ٿيو پوءِ پاڻ اهي مُوءِ مبارڪ خريد ڪري ورتا بس انهن ئي مُوءِ مبارڪ جي برڪت سان الله پاڪ کين توبه جي توفيق عطا فرمائي ۽ کيس وِلايت جو درجو به عنايت فرمايو.

داتا حضور رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: خواجه مهدي سيّاري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه حضرت خواجه ابوبڪر واسطي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي هٿ تي بيعت ڪئي ۽ انهن جي خدمت ۾ رهي اهو مقام حاصل ڪيو جو وِلايت ۾ امام قرار ڏنا ويا، حضرت خواجه مهدي سَيّاري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه وصال جي وقت هي وصيت ڪئي هئي ته هي ٻئي مُوءِ مبارڪ منهنجي منهن ۾ رکيا وڃن پوءِ سندن وصيت تي عمل ڪيو ويو سندن مزار مبارڪ مَرُو نالي علائقي ۾ آهي ماڻهو پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي مزار مبارڪ تي حاضر ٿيندا آهن، پنهنجون حاجتون طلب ڪندا آهن ۽ الله پاڪ پنهنجي ولي ڪامل جي صدقي ۾ ماڻهن تي نظرِ رحمت فرمائيندو آهي.[(1)]

خدمت تری اعزاز مرا موئے مبارک | ہے حامل درجاتِ عُلیٰ موئے مبارک

الله پاڪ اسان سڀني کي مُوءِ مبارڪ جون برڪتون نصيب فرمائي .اَلْحَمْدُ لِلّٰه!

اڄ به ڪيترن ئي عاشقانِ رسول وٽ مُوءِ مبارڪ تشريف فرما آهن اهي حضرات وقت بوقت انهن جي زيارت به ڪرائيندا رهندا آهن جڏهن به موقعو ملي اسان کي گهرجي ته خوب ادب ۽ احترام سان، پاڪ صاف ٿي، سنا ڪپڙا پائي، درودِ پاڪ پڙهندي نهايت اهتمام سان مُوءِ مبارڪ جي زيارت ڪيون.

زیارت گیسوؤں کی ہے نبی کی دید کا حِصَّہ
وہ ہے خوش بخت جو دیکھے میرے سرکار کے گیسو

الله پاڪ! زندگي ۾ بار بار اسان کي هي سعادت نصيب فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

1... ڪشف المحجوب(اُردو)، صفحه:234- 235 بتغير قليل ـ

# فيضانِ حديث موبائل ايپلي ڪيشن

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُلِلّٰه! دعوتِ اسلامي جي آئي ٽي ڊپارٽمينٽ طرفان تمام فائديمند موبائل ايپلي ڪيشن بنام ”فيضانِ حديث Play Store “ ۽ App Store تي پيش ڪئي وئي آهي. هن ايپلي ڪيشن ۾ توهان ڪي حديث پاڪ جون مشهور ڪتابون جيئن: ❁مِشْكٰوةُالْمَصَابِيْح ۽ ان جي اردو شرح مِرْاٰةُالْمَنَاجِيْح ❁الأربَعِيْنِ النّوويَّة اردو ترجمو ۽ شرح سان گڏ ❁رِيَاضُ الصَّالِحِين اردو ترجمو ۽ شرح سان گڏ ❁أَربَعِيْنِ حَنَفِيَّه (اردو) ❁ ۽ مُنْتَخَب اَحَادِيث (اردو) ❁هن ايپلي ڪيشن جي مدد سان توهان حديثِ ڪريم ڪي ڪتابي صورت ۾ (يعني جلدن جي اعتبار سان) به پڙهي سگهو ٿا ۽ مختلف موضوعن جي اعتبار سان پنهنجي مطلوبه موضوع جو مطالعو به ڪري سگهو ٿا. ❁سرچ آپشن جي مدد سان حديثِ مبارڪ سرچ به ڪري سگهو ٿا. ❁حديثِ پاڪ جو عربي متن اعراب سان ۽ اعراب جي بغير ٻنهي طرح ڏسڻ جي سهولت رکي وئي آهي. ❁مطالعي جي نوٽس محفوظ ڪرڻ لاءِ پسنديده احاديث ڪي Favorite ڪرڻ جو آپشن به ڏنو ويو آهي. ❁مختلف فونٽس ۽ احاديث شيئرنگ جي سهولت به ڏني وئي آهي. اڄ ئي پنهنجي موبائل ۾ هي ايپلي ڪيشن ڊائون لوڊ ڪريو! خود به حديثِ پاڪ جو فيضان ونو! ۽ ٻين ڪي به ترغيب ڏياريو

## بيان ڪي اختتام ڏانهن آڻيندي هڪ شرعي مسئلو عرض ڪريان ٿو:

## درست ڇا آهي؟

(درست شرعي مسئلو ۽ عوام ۾ پکڙيل غلط فهمي جي نشاندهي)

**مسئلو:** ربيع الاول جي مبارڪباد ڏيڻ سان جنت واجب ٿيڻ جي ڪا به روايت ناهي

**وضاحت:** ڪجهه ماڻهن ۾ هي ڳالهه مشهور آهي، بلڪ گهڻا ماڻهو ته سوشل ميڊيا تي اهڙيون پوسٽون به موڪليندا رهن ٿا، جن ۾ اهڙيون ڳالهيون لکيل هونديون آهن ته جيڪو شخص ربيع الاول جي سڀ کان پهرين مبارڪباد

ڏيندو، حديثِ پاڪ ۾ آهي تہ ان لاءِ جنت واجب ٿي ويندي .مَعَاذَ الله! هي ڏاڍي جرئت جي ڳالھ آهي اهڙي ڪا بہ روايت حديث جي ڪتابن ۾ موجود ناهي ربيع الاول شريف يقيناً ڏاڍو مبارڪ مهينو آهي، ڏاڍي عظمتن وارو، رفعتن وارو مهينو آهي، پر هن بابرڪت مهيني جي اچڻ جي مبارڪباد ڏيڻ سان جنت واجب ٿي وجي، هي ڳالھ من گهڙت آهي ۽ ياد رکو !من گهڙت ڳالھ پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڏانهن جاڻي واڻي منسوب ڪرڻ حرام آهي حديث مبارڪ ۾ آهي: مَنْ كَذَبَ عَلَيَّ مُتَعَمِّدًا فَلْيَتَبَوَّأْ مَقْعَدَهُ مِنَ النَّارِ يعني جنهن مون تي ڄاڻي واڻي ڪوڙ ڳالهايو، اهو پنهنجو ٺڪاڻو جهنم ۾ ٺاهي وٺي.[1]

۽ بغير تحقيق ۽ تصديق جي هر ٻڌل ٻڌايل ڳالھ کي اڳتي ڦهلائڻ نہ گهرجي حديثِ پاڪ ۾ آهي: كَفٰى بِالْمَرْءِ كَذِبًا اَنْ يُّحَدِّثَ بِكُلِّ مَا سَمِعَ. يعني انسان جي ڪوڙي هجڻ لاءِ اهو ئي ڪافي آهي تہ هو هر ٻڌي ٻڌائي ڳالھ بيان ڪري ڇڏي.[2] تنهنڪري اهڙين روايتن تي مشتمل ميسيج ۽ پوسٽون شيئر ڪرڻ کان بچڻ ڏاڍو ضروري آهي.[3] الله پاڪ اسان کي درست اسلامي احڪام سکڻ ۽ انهن تي عمل ڪرڻ جي توفيق نصيب فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اَسماءُ الحسنىٰ جون برڪتون (وظيفو)

### يَا كَبِيْرُ

جيڪو ڪو 9 ڀيرا يَا كَبِيْرُ پڙهي ڪنهن بيمار تي دم ڪري تہ صحتياب ٿي ويندو.[4] اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

1...بخاری، کتاب العلم، باب اثم من کذب علی النبی، صفحہ:103، حدیث:110۔
2...مسلم ، المقدمۃ، باب النہی عن الحدیث بکل ما سمع، صفحہ:12، حدیث:5۔
3... دَارُالاِفْتَاء اَہْلسُنَّت ، غیر مطبوعہ، فتاویٰ نمبر:Pin-4893 ۔
4...مدنی پنج سورہ، صفحہ:251۔